# The District and Sessions Judge Badin takes initiatives to improve performance of the courts




**Badin (By: Shad Altaf Memon )**

The District & Sessions Judge Badin, Abdul Qudoos Memon, has taken an important initiative to further improve the performance of the courts and to ensure the safe and environmentally friendly disposal of unnecessary official documents. In this regard, the District & Sessions Judge Badin has distributed paper shredder machines among the Readers of all courts in the district. Speaking on the occasion, District & Sessions Judge Badin, Abdul Qudoos Memon said that these machines have been provided to the courts of district Badin in accordance with the directions of the Honorable Supreme Court of Pakistan, so that unnecessary and old papers can be disposed of in a secure and organized manner.

He said that a large volume of paperwork is handled in courts on a daily basis, and over time many old or unnecessary documents accumulate which are no longer part of the official record. Through the use of paper shredder machines, such documents will be shredded into small pieces before disposal, ensuring the protection of sensitive information.

He further stated that the provision of modern office facilities will help improve the efficiency of the courts, while disposing of unnecessary papers through environmentally friendly methods will also promote cleanliness and environmental protection.

The court staff appreciated the initiative and stated that the provision of paper shredder machines will make the process of record maintenance and disposal of unnecessary documents easier and more secure in the courts.




MINOR ACTS




PAPER SHREDDER
OFFICE HOME
8 Sheets
Auto
A4
MODEL:SD108P
MADE IN CHINA


PAPER SHREDDER
OFFICE HOME



